# 21 فيبروري مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن ۽ سنڌي ٻولي



## مجيد نواز مغل

گڏيل قومن جي عالمي اداري طرفان 21 فيبروري جي ڏينهن کي مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن ڪري ملهايو وڃي ٿو. جنهن جو اصل مقصد ننڍي ٻار کي تعليم پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ ڏيڻ آهي. عالمي طور تي مڃيل انهيءَ حق تي عمل نٿو ٿيي ۽ اسان وٽ ڌارين ٻولين کي سرڪاري آفيسن ۽ تعليمي ادارن ۾ زوري اهميت ڏيارڻ جو جيڪو رواج پيل آهي. ان جا نتيجا بهايت نقصان ڪار آهن. اسان جي خانگي توڙي سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارن کي زور ڏيي ڌارين ٻولين انگلش ۽ اردو ۾ تعليم ڏني وڃي پيي. سنڌي اسان جي مادري ٻولي آهي پر سنڌ اندر اڪثر تعليمي ادارن ۾ تعليم انگريزي ۽ اردو ۾ ڏني وڃي ٿي. اهڙي ريت بلوچستان ڪي پي ڪي ۽ پنجاب ۾ پڻ مادري ٻولين کي ڪا به اهميت حاصل ناهي. چين جيڪو دنيا جو مک ڊپر پاور ٿي اڀريو آهي. اتي مادري ٻولي چاينيز کي خاص اهميت حاصل آهي. اهڙي ريت دنيا جي ڪافي اسرندڙ ملڪن ۾ سندن مادري ٻوليءَ کي اهميت ڏنل آهي. پر ان جي ابتڙ اسان وٽ مادري ٻوليءَ سنڌيءَ کي مڪمل ريت نظر انداز ڪيو ويو آهي. خانگي تعميمي ادارن جا مالڪ مادري ٻوليءَ جي اهميت کي نظر انداز ڪري انگريزي ۽ اردو کي رايج ڪري چڪا آهن. اسان وٽ واپار ۽ لک پڙهه ۾ پڻ سنڌي کي مڪمل طور پويتي رکيو وڃي ٿو. جيئن ڪراچي جيڪو سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ آهي اتي رهندڙ اڪثريت اردو ٻولي کي اهميت ڏيي پيي. ادب جي واڌ ويج جي سلسلي ۾ پڻ پاڪستان اندر موجود مادري ٻولين کي نظر انداز ڪيو ويو آهي. اردو جي مقابلي ۾ پاڪستان اندر موجود مختلف مادري ٻولين جي ادب کي اهي سهولتون حاصل ناهي جيڪي اردو کي مليل آهن. انگريزن جي دور ۾ سنڌ اندر سرڪاري ملازمن لاءِ سنڌي سکڻ لازمي قرار ڏنل هو پر اڄ سمورن سرڪاري ادارن ۾ عدالتي نظام ۾ انگريزيءَ کي خاص اهميت حاصل آهي. مادري ٻولين سان اهڙي روش سبب هتان جي مادري ٻولين جو وجود خطري ۾ پيجي ويو آهي. ان ڪري سنڌيءَ سميت سمورين مادري ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏنو وڃي جيڪا وقت جي مک تقاضا پڻ آهي. ماضيءَ ۾ ون يونٽ خلاف جيڪا منظم تحريڪ هلايي ون يونٽ جو خاتمو آندو ويو. اڄ به اهڙي جدوجهد ۽ تحريڪ جي سخت ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته اڄ جون حالتون ڪافي خراب آهن. سنڌ سان ون يونٽ کان به وڏيڪ ويل وهايا وڃن پيا. ڌارين جي لوڏ ۽ سندن آبادڪاريءَ لاءِ رياستي ادارا پنهنجو پورو زور لڳايي رهيا آهن. جنهن سان سنڌي ماڻهو اقليت ۾ اچڻ جو خطرو پيدا ٿي پيو آهي. 21 فيبروريءَ تي سرڪار طرفان وڏا وڏا ميڙاڪا ۽ سيمينار ڪرڻ سان ڪجهه نه ٿيندو.




ان لاءِ عملي وک ضروري آهي ۽ احتجاجي مظاهرا ڪرڻ سان مسيلو حل نه ٿيندو. ان لاءِ هر دانشور ۽ ساڃاهه وند کي پنهنجو قومي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. هڪ منظم ۽ متحد جفوجهد ذريعي ئي نادري ٻولين کي قومي ٻوليون تسليم ڪرايي سگهجي ٿو. سڀ کان پهرين اسان پنهنجي واپارءِ تعليمي ادارن ۾ ڌارين ٻولين جي جاءِ تي مادري ٻولين کي پنهنجو مقام ڏيارڻ لاءِ منظم جدوجهد ڪريون. جنهن لاءِ سيني سياسي ۽ ادبي ڌرين کي هڪ ٿيڻو پوندو نه ته پوءِ جيڪي خطرا اڄ سنڌي ٻوليءَ کي سامهون آهن اهي درست ثابت ٿيندا. سنڌي زبان جيتوڻڪي اڄ ڪمپيوٽر ايج ۾ اهميت واري ٻولي سمجهي وڃي ٿي پر پوءِ به ڪيترايي خطرا ان کي لاحق آهن. فيس بڪ ۽ سوشل ميڊيا تي سنڌي ٻولي خاص جاءِ ولاري چڪي آهي پر ان باوجود سنڌي ٻوليءَ جي وجود لاءِ خطري جي تلوار لٽڪي رهي آهي. ان لاءِ اسان جي ماهر انجينيرن کي پنهنجو جوڳو ڪم اڃان ڪرڻو آهي.

❊❊❊❊